# معراج مصطفيٰ جا واقعا

12-April-2018



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

((For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# معراج مصطفيٰ جا واقعا

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ **(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. "فتاويٰ شامي" ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجهہ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جيڪو چاهي (يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

**سرڪارِ مدينہ،راحتِ قلب و سينہ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو فرمانِ رَحمت نِشان آهي: جيڪو مون تي درودِ پاڪ پڙهندو آهي ان جو درودِ پاڪ مون تائين پهچي ويندو آهي، مان ان جي لاءِ استغفار ڪندو آهيان ۽ ان جي علاوه ان جي لاءِ ڏهہ** (10) **نيڪيون لکيون ويندو آهن.** (معجم اوسط ،من اسمه احمد، ۱/ ۴۴۶،رقم: ۱۶۴۲)

گرچہ ہیں بے حد قُصور تم ہو عَفُوّ و غَفور بَخْش دو جُرم و خَطا تم پہ کروڑوں دُرود

**مختصروضاحت: اي منهنجا ڪريم آقا** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ**! اسان اِعترِاف ڪيون ٿا تہ اسان جا گناه تمام گهڻا آهن پر اوهان ڪريم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **تہ تمام گهڻو**

درگذر ڪرڻ وارا ۽ بخشش عطا ڪرڻ وارا آهيو، تنهنڪري اسان جي جُرمن ۽ خطائن ڪي بہ بخشي ڇڏيو. الله پاڪ اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي ڪروڙين دُرُود ۽ سلام نازل فرمائي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## رجب جي دُعا:

رَجَب ۾ هي دُعا پڙهڻ سُنّت آهي! جڏهن رَجب جو مهينو ايندو هو تہ نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هي دُعا پڙهندا هئا:

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِي رَجَبٍ وَّ شَعْبَانَ وَبَلِّغْنَا رَمَضَان

يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ! اسان لاءِ رَجب ۽ شعبان ۾ بَرڪتون عطا فرماءِ ۽ اسان ڪي رَمَضان تائين پهچاءِ. (اَلْمُعجَمُ الاَ وسَط لِلطّبَراني ج3ص85حديث 3939)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الڪبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁

ضرورت پوڻ تي بين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڏِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گھوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ابنِ سڪينہ جي هڪ مُريد جو واقعو

شيخ شهابُ الدّين سُهروردي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه هڪ حڪايت نقل ڪندي فرمائن ٿا ته شيخ ابنِ سڪينہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جو هڪ سونارو (Goldsmith) مُريد هو، ان جو ڪم هي هو ته هو صوفياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيهِمْ اَجْمَعِين جا مُصَلا جامع مسجد کڻي ويندو ۽ انهن کي وڇائيندو هو، جڏهن نمازِ جمعه ٿي ويندي هئي ته ان مُصَلّن کي هو خانقاه ۾ کڻي ايندو هو. هڪ جمعي تي ائين ٿيو ته انهن مُصَلّن کي جامع مسجد آڻڻ جي لاءِ گڏ ڪري ٻڌي ڇڏيو ۽ (بغداد شريف ۾ واقع) درياءِ دجله ۾ جمعي جي غُسل لاءِ هليو ويو، ڪپڙا لاهي ڪناري تي رکي ڇڏيا ۽ پاڻي ۾ غوطو لڳايو جڏهن مٿو مٿي ڪنيو ته ان پنهنجو پاڻ کي درياءِ دجله ۾ نه بلڪ بئي جاءِ تي ڏٺو، ماڻهن کان ان هنڌ جي باري ۾ پڇيو ته ٻڌايو ويو ته هي مصر آهي، ان کي هن (واقعي) مان گھڻو تعجب ٿيو ۽ هو پاڻي مان نڪري شهر ۾ آيو، هڪ سوناري جي دڪان وٽ ويهي رهيو ۽ ان جي جسم تي صرف هڪ ڪپڙو هو جيڪو اوگھڙ ڍڪڻ لاءِ ڪافي هو، دڪاندار کي محسوس ٿيو ته هي ماڻهو سونارو آهي تنهنڪري ان ڳالهين ڳالهين ۾ پتو لڳائي ورتو ته هي شخص ته هن فن ۾ گھڻو ئي ماهر آهي، دڪاندار ان جي عزت ۽ تڪريم ڪئي ۽ پنهنجي گھر وٺي آيو، پنهنجي ڌيءُ سان ان جو نڪاح ڪري ڇڏيو، پوءِ ستن (7) سالن ۾ ان جا ٽي (3) ٻار ٿيا. اتفاق سان هڪ ڏينهن اهو مُريد انهيءَ پاڻيءَ وٽان گذريو ته وهنجڻ جي لاءِ ان پاڻي ۾ غوطو لڳايو، جڏهن

پاڻي مان مٿو مٿي ڪنيو تہ پنهنجي پاڻ کي درياءِ دجلہ جي ساڳي هنڌ تي ڏٺو جتي ست (7) سال پهريان ان غوطو هنيو هو ۽ پنهنجي ڪپڙن کي ڪناري تي انهيءَ طرح رکيل ڏٺائون جيئن ان رکيا هئا، پوءِ اهو ڪپڙن کي پائي خانقاهہ ۾ آيو تہ مُصَلِّن کي بہ انهيءَ حال ۾ ڏٺو، ان کي ان جي ڪنهن ساٿي چيو:جلدي ڪر چوتہ ڪجهہ ماڻهو صبح سوير ئي جامع مسجد وڃي چڪا آهن، پوءِ هو مُصَلَّا کڻي جامع مسجد ويو نماز پڙهي ۽ خانقاهہ واپس موٽي آيو اتان کان تعجب ۽ حيراني جي عالم ۾ گهر آيو تہ گهرواريءَ پڇيو: اهي ماڻهو ڪٿي آهن جن جي لاءِ اوهان مڇي (Fish) پچڻ جي لاءِ چيو هو، مڇي تيار ٿي چڪي آهي اهو مهمانن کي وٺي آيو ۽ سيني مڇي کاڌي، پوءِ پنهنجي شيخ ابنِ سڪينہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جي خدمت ۾ حاضر ٿي سمورو واقعو بيان ڪيو ۽ مصر ۾ اولاد جو بہ ذڪر ڪيو، شيخ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه پڇيو تہ ڇا توهان جي دل ۾ ڪجهہ وسوسو آيو هو؟ ان شخص چيو ها! مون کي معراج جي باري ۾ ڪڏهن وهم ٿيو هو تہ رسولِ اڪرم،نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جسماني طور تي ايتري ٿوري دير ۾ ايتري وڏي مسافت (Long Distance) ڪهڙي طرح طئي ڪئي؟ شيخ فرمايو تہ هي الله عَزَّوَجَلَّ جو ڪرم آهي تہ ان تنهنجي شڪ ۽ شُبهي کي دُور ڪري ڇڏيو. (تحفۂ معراج النبي ،بيان تنوير السراج في بيان المعراج،ص ١٢٨،انباء الحي،مطلب نيف و عشرون... الخ، ص٨٢)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سُبْحٰنَ الله! ڀَڙو اوهان اسان جي پياري آقا،مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي غلامن جي غلامن جا غلام بہ عين بيداري جي عالم ۾ منجهند جي وقت بغداد جي درياءِ دجلہ ۾ غوطو لڳائن ٿا تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي قدرت سان مصر مان وڃي نڪرندا آهن تہ پوءِ حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عظمت ۽ بلندي شان جو ڇا عالم هوندو. خليفۂِ اعليٰ حضرت ملڪ العُلَماء حضرت علامہ مولانا ظفرُ الدّين بهاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا تہ حضرت سَيدُنا

سليمان عَلَيه الصَّلوٰة وَالسَّلام جي وزير حضرت آصَف بن برخيا رَحمَة اللهِ تَعَالٰى عَلَيه (جيڪي وليُّ الله هئا) جو واقعو قرآنِ ڪريم ۾ موجود آهي تہ پاڻ حضرت سيدنا سليمان عَلَيه الصَّلوٰة وَالسَّلام کي عرض ڪيو: مان ملڪہ بلقيس جو تخت اوهان وٽ اک چنيڻ کان پهريان حاضر ڪندس ۽ پوءِ ائين ئي ٿيو جڏهن تہ بلقيس جو تخت اسّي (80) گز ڊگهو، اسّي (80) گز بلند، سوني چاندي جو هو، جنهن ۾ انتهائي وزني ۽ قيمتي هيرا جواهرات جَڙيل هئا، جڏهن ايترو وڏو ۽ وزني تخت اک چنبي کان پهريان مُلڪ يمن کان مُلڪ شام ۾ هڪ ولي جي ڪرامت سان پهچي وڃي تہ خود سيدِ عالَم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو پنهنجي جسمِ نوراني سان (رات جي مختصر حصي ۾ مسجدِ حرام کان مسجدِ اقصٰي تائين ۽ اتان کان آسمانن تي) تشريف ڪٽي وڃڻ يقيناً ممڪن آهي.

(تحفۂ معراج النبي ،بيان تنوير السراج...الخ، ص۱۳۱ملخصاً)

ممکن ہی نہیں عقلِ دو عالم کی رسائی ایسا دیا اللہ نے رُتبہ شبِ معراج
تفصیل سے کی سَیر مگر اِس پہ یہ طُرّہ اِک پل میں یہ طے ہو گیا رستہ شبِ معراج

مختصر وضاحت: يعني الله پاڪ معراج واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي معراج واري رات اهو بلند رتبو عطا فرمايو جو ٻنهي عالَم ۾ موجود مخلوق جي عقلن جي ان تائين رسائي ممڪن ئي ناهي. معراج واري رات پياري آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيئي هنڌن کي تفصيل سان ملاحظہ فرمايو پر ان جي باوجود ايترو ڊگهو سفر رڳو ڪجهہ گهڙين ۾ طئي ٿي ويو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| الله جي عنايت | مرحبا | معراج جي عظمت | مرحبا | اَقصيٰ جي شوڪت | مرحبا |
| بُراق جي قسمت | مرحبا | بُراق جي سُرعَت | مرحبا | نبين جي اِمامت | مرحبا |
| آقا جي رِفعت | مرحبا | آسمان جي سِياحت | مرحبا | مڪينِ لامڪان جي عظمت | مرحبا |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مِعراج واري مصطفيٰ جي سُواري

حضرت سَيِّدُنا اَنَس بِن مالِڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ پياري آقا، شبِ اسرٰي جي سردار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مون وٽ بُرَاق (جنهن جو نالو جارُود هو) آندو ويو، جيڪو گڏھ کان وڏو ۽ خچر کان ننڍو، انتهائي سفيد رنگ جو ڊگهي قد وارو جانور هو، ان جو قدم نظر جي انتهاء تي پوندو هو، مان ان (بُراق) تي سُواري ڪندي بَيتُ المَقدَس تائين پهتس جنهن هنڌ نبي سڳورا عَلَيهِمُ الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام پنهنجي سُوارين کي ٻڌي رکيو هو، مون ان کي اتي ٻڌي ڇڏيو پوءِ مان مسجدِ (اَقصٰي) ۾ داخِل ٿيس ۽ ان ۾ ٻہ رڪعت نماز ادا ڪئي.

(مسلم ،كتاب الايمان ، باب الاسراء برسول الله ...الخ ،ص٩٧،حديث٢٥٩)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نبين سڳورن جي امامت

هن نماز ۾ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَتمام اَنبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام جا اِمام هئا. (سيرة سيد الانبياء،ص١٢٨) (چوتہ) پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي عظيم شان جي اِظهار جي لاءِ بَيتُ المَقدَس ۾ تمام اَنبياءِ ڪرَام عَلَيهِمُ الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام کي گڏ ڪيو ويو هو. (سنن النسائی، کتاب الصلاة، باب فرض الصلاة...الخ، ص٨١، حديث:٤٤٨) جڏهن پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ هتي تَشرِيف فرما ٿيا تہ انهن سيني پاڻ ڪريمن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي ڏسي خُوش آمديد چيو ۽ نماز جي وقت سيني پاڻ ڪريمن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي اِمامَت جي لاءِ اڳتي ڪيو، پوءِ حضرتِ جِبرائيل عَلَیہِ السَّلَام هٿ مُبَارَڪ پڪڙي اڳتي ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ تمام انبياءِ ڪرَام عَلَيهِمُ الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام جي اِمامَت فرمائي. (المعجم الاوسط ،من اسمه على،٦٥/٣،حديث:٣٨٧٩والسيرة الحلبية،باب ذكر الاسراء...الخ،٥٢٥/١)

حضرتِ سيدُنا عَلاّمہ بُوصيري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه فرمائن ٿا:

وَقَدَّمَتْكَ جَمِيعُ الْاَنْبِياءِ بِها

وَالرُّسُلِ تَقْدِيمَ مَخْدُوْمٍ عَلٰی خَدَمٍ

(قصيدة البردة مع شرحها عصيدة الشهدة، الفصل العاشر فى معراج...الخ، ص٢٤٠)

يعني بَيتُ المَقدِس ۾ تمام نبين ۽ رسولن عَلَيهِمُ الصَّلوٰةُ وَالسَّلام پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي اڳتي ڪيو، جيئن مَخدُوم پنهنجي خادِمن کان اڳتي هوندو آهي.

سُبحٰنَ اللّٰـه عَزَّوَجَلَّ! ڇا خُوب نماز هئي! جو تمام اَنبياء ۽ رسول عَلَيهِمُ الصَّلوٰة وَالسَّلام مقتدي، اسان جا پيارا آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اِمام ۽ پهريون قبلو جاءِ نماز آهي، يقيناً ڪائنات ۾ اهڙي نماز پهريان ڪڏهن نہ ٿي، فلڪ اهڙو نَظارو ڪڏهن نہ ڏٺو. معراج واري رات، شَبِ اَسرٰي جي سردار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اَوّل ۽ آخر هئڻ جو راز بہ ڪلي ويو، ۽ معنٰي روزِ روشن جيان واضح ٿي وئي، ڇوتہ پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جيڪي سڀني کان آخري رسول آهن، پهريان جي نبين ۽ رسولن جي اِمامَت فرمائي رهيا آهن. انهيءَ راز کي بَيان ڪندي اَعليٰ حضرت، اِمامِ اَهلسُنَّت، مولانا شاهہ اِمام احمد رضا خان عَلَيه رَحمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا:

نمازِ اَقصٰی میں تھا یہی سِرّ، عیاں ہوں معنیِ اوّل آخر
کہ دَست بستہ ہیں پیچھے حاضِر، جو سلطنت آگے کر گئے تھے

مختصر وضاحت: شبِ معراج مسجدِ اقصيٰ ۾ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سمورن نبين عليهم السلام جي امامت فرمائي ۽ انهن کي نماز پڙهائي، ان ۾ اهو راز هو تہ پهرين ۽ آخري جو فرق واضح ٿي وڃي، اهو واضح ٿي وڃي تہ سڀني نبين کان آخر ۾ تشريف ڪٽي اچڻ وارو نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪنهن نبي کان شان ۽ عظمت ۾ گهٽ ناهن بلڪ شان ۽ عظمت ۾ سڀني کان وڌيڪ آهن، ان جو دليل هي آهي تہ اهي سمورا نبي جيڪي اڳ ۾ پنهنجي نُبُوّتن جو اعلان ڪري چڪا هئا، اهي سمورا هٿ ٻڌي مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پنيان بيٺل آهن.

مقتدی ہیں سارے انبیاء مُصطفٰے اِمام ہو گئے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## قرآنِ ڪريم ۾ معراج جي سفر جو ذڪر

سفرِ معراج جو هڪ نهايت زبردست پهلو هي بہ آهي تہ ربِّ ڪريم هن مقدس سفر جو تذڪرو نہ صرف قرآنِ ڪريم ۾ بيان ڪيو بلڪ رات جي مختصر حصي ۾ ايترو ڊگهو سفر طئي ڪرائڻ کي پاڻ ڏانهن منسوب بہ فرمايو، جيئن ارشاد آهي:

سُبۡحٰنَ الَّذِیۡۤ اَسۡرٰی بِعَبۡدِہٖ لَیۡلًا مِّنَ الۡمَسۡجِدِ الۡحَرَامِ اِلَی الۡمَسۡجِدِ الۡاَقۡصَی

**تَرۡجمو ڪنزالايمان:** پاڪائِي آهي اُن کي جيڪو پنهنجي بانهي کي راتورات وٺي ويو، مسجدِ حرام کان مسجدِ اقصيٰ تائين، (پ١٥،بني اسرائيل:١)

حَضرتِ صدرُ الافاضِل مولانا سيد مُفتي محمد نعيمُ الدِّين مُراد آبادي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ بيان ڪيل آيت سڳوري تحت لکن ٿا:”معراج شريف نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو هڪ مُعجِزو ۽ اللہ تَعَالٰي جي عظيم نعمت آهي هن مبارڪ سفر سان حُضُور اڪرم، نور مجسم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو(بارگاهِ الٰهي ۾) اهو قُرب ظاهر ٿئي ٿو جو مخلوقِ الٰهي ۾ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي علاوه ڪنهن کي بہ حاصل ناهي ٿيو. (وڌيڪ فرمائن ٿا) حُضُور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا جَلِيلُ القَدر صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھُم اجمعین انهيءَ جا مڃڻ وارا آهن تہ معراج شريف بيداري جي حالت ۾ جسم ۽ رُوح ٻنهي سان ڳڏ واقع ٿيو.

(خزائن العرفان،پاره١٥،بني اسرائيل،تحت الآية:١،ص٥٢٥ ملخصاً)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مِعراج واري مصطفيٰ جي سُواري

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معراج واري واقعي ۾ عظمتِ مُصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو هڪ دلچسپ پهلو اهو بہ آهي تہ هن عظيمُ الشان سفر ۾ رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي سواري جي لاءِ بہ انتهائي عظيمُ الشان جنّتي سواري کي

چونديو ويو هو جيئن تہ حضرت سَيِّدُنا اَنَس بِن مالِک رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي تہ پياري آقا، شبِ اسرٰي جي گھوٽ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مون وٽ بُرَاق (جنھن جو نالو جارُود هو) آندو ويو، جيکو گڏھ کان وڏو ۽ خچر کان ننڍو، انتھائي سفيد رنگ جو ڊگھي قد وارو جانور هو، ان جو قدم نظر جي انتھاء تي پوندو هو. (مسلم ،کتاب الايمان ، باب الاسراء برسول اللہ ...الخ ،ص۸۷،حديث:۴۱۱)

حکيم الاُمَّت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ فرمائن ٿا: هتي (حطيمِ کعبہ ۾) سينو پاڪ چاڪ ڪيو ويو، ڪوثر ۽ زمزم سان غسل ڏنو، جنّتي حُلّو (جنتي لباس) پارائي حضور کي گھوٽ بڻايو ويو ۽ پوءِ هتان کان ڄڃ جي جلوس ۾ شبِ اَسري جي سردار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي وٺي ملائڪ هليا، جبريلِ امين عَلَيہ السَّلَام تاجدارِ انبياء شبِ اَسري واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي سوار ڪيو، رڪاب جناب جبريل عَلَيہ السَّلَام ورتي ۽ لگام حضرت ميڪائيل عَلَيہ السَّلَام پڪڙي ۽ ان وڏي شان سان سردار جي سواري هلي. خيال رهي تہ حضورِ انور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو بُراق تي سوار ٿيڻ اظهارِ شان جي لاءِ هو جيئن گھوٽ گھوڙي تي هوندا آهن ۽ ڄاڃي پيادل، هي بُراق خاص تاجدارِ انبياء، معراج جي گھوٽ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي لاءِ هو ۽ آهي. انھيءَ تي حضور معراج ۾ بہ سوار ٿيا ۽ قيامت ۾ بہ سوار ٿيندا. هي جنّت ۾ چرندو رهيو آهي، جنّت ۾ سواري جي لاءِ هر نبي جو هڪ عليحده بُراق هوندو پر حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو بُراق سڀني کان اعليٰ هوندو ۽ اهو هي ئي بُراق آهي.

(مرآۃ المناجيح،ص۱۳۶-۱۳۷ملخصا،بتغيرقليل)

اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ جا نہ بھترين نقشو چِٽيو آهي:

جبرِيلِ امين بُراق لئے جنّت سے زمين پر آپہنچے　　بارات فرشتوں کی آئی معراج کو دولہا جاتے ہیں

ہے خُلد کا جوڑا زيبِ بدن رحمت کا سجا سہرا سر پر　　کیا خوب سُہانا ہے منظر معراج کو دولہا جاتے ہیں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## امامُ الانبياء توهان آهيو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سفرِ معراج جو هڪ پهلو اهو به آهي ته اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مُصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هن رات سيني انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوة وَالسَّلَام جي امامت فرمائي ۽ انهن کي پنهنجو مُقتدي بڻجڻ جو شرف عطا فرمايو، جيئن ته حديثِ پاڪ ۾ آهي: مان ان (بُراق) تي سُواري ڪندي بَيتُ المَقدَس تائين پهتس ۽ جنهن جاءِ تي اَنبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوة وَالسَّلَام پنهنجي سُوارين کي ٻڌندا هئا مون ان کي اتي ٻڌي ڇڏيو پوءِ مان مسجدِ (اَقصيٰ) ۾ داخِل ٿيس ۽ ان ۾ ٻه رڪعت نماز ادا ڪئي.
(مسلم ،كتاب الايمان ، باب الاسراء برسول الله ...الخ ،ص٩٧،حديث٢٥٩)

ولي ڪامِل حضرت عَلّامه مَولانا مَخدوم محمد هاشِم ٺٽوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: هن نماز ۾ پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تمام اَنبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوة وَالسَّلَام جا اِمام هئا. (سيرة سيد الانبياء،ص١٢٨) (ڇوته) پياري آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عظيم شان جي اِظهار جي لاءِ بَيتُ المَقدِس ۾ تمام اَنبياءِ ڪرَام عَلَيهِمُ الصَّلٰوة وَالسَّلَام کي گڏ ڪيو ويو هو. (سنن النسائی، کتاب الصلاة، باب فرض الصلاة...الخ، ص٨١، حديث:٤٤٨)

اقصیٰ میں سُواری جب پہنچی جِبرِیل نے بڑھ کے کہی تکبیر — نبیوں کی امامت اب بڑھ کر سُلطانِ جہاں فرماتے ہیں
وہ کیسا حسیں منظر ہو گا جب دُولہا بنا سرور ہوگا — عُشّاق تصوُّر کر کر کے بس روتے ہی رہ جاتے ہیں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## سفرِ معراج جي حڪمت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رهي! معراج جي سفر جون ڪيئي حڪمتون آهن. جيئن ته هڪ حڪمت اها به بيان ڪئي وئي آهي ته زمين ۽ آسمان جو مُڪالمو ٿيو ته زمين آسمان تي فخر ڪندي چيو: مان توکان افضل آهيان، ان ڪري جو الله تعاليٰ شهرن، دريائن، نهرن، وڻن، جبلن ۽ ٻين ڪيئي شين سان مون کي زِينت عطا ڪئي آهي. آسمان جواب ڏنو : مان توکان بهتر آهيان، ان ڪري جو

سج، چنڊ، تارا، آسمان، بُرج، عرش ۽ ڪرسي ۽ جنّت مون ۾ آهن "زمين چيو:"مون ۾ ڪعبو آهي، جنهن جي زِيارت ۽ طواف انبياء و مُرسلين، اولياء ۽ عام مؤمن ڪندا آهن، آسمان جواب ڏنو: مون تي بَيتُ المَعمُور آهي، هن جو طواف ملائڪ ڪندا آهن ۽ مون ۾ جنّت آهي جيڪا تمام انبياء و مُرسلين عَلَيۡهِمُ السَّلَام، تمام اولياء و صالحين رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡهِم اَجۡمَعِين جي مقدس رُوحن جو ٺڪاڻو آهي.

زمين آسمان کي چيو: رسول پاڪ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي اِقامت فرمائي ۽ شريعت کي جاري فرمايو.

جڏهن آسمان اهو ٻڌو تہ جواب ڏيڻ کان لاچار ٿي ويو ۽ ماٺ ٿي ويو. پوءِ آسمان الله تعاليٰ جي بارگاه ۾ عرض ڪيو: اي الله عَزَّوَجَلَّ تون ئي پريشان جي مدد ڪندو آهين، جڏهن اهو توکي پُڪاري، پوءِ آسمان عرض ڪرڻ لڳو: ٺُون محمد مصطفي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي منهنجي طرف گهراءِ تہ جيئن مان ان جو شرف حاصل ڪيان، جيئن تو زمين کي ان جي جمال سان شرف بخشيو آهي". الله تعاليٰ هن جي دُعا قبول ڪئي ۽ معراج جي رات آسمان کي اهو شرف عطا فرمايو. (درة الناصحين،ص ١٢٣)

روشن ہوئے سب اَرض و سَما نُور سے اُس کے
جب ماہِ عَرَب عَرش پہ چمکا شبِ معُراج

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| الله جي عنايت | مرحبا | معراج جي عظمت | مرحبا | اَقصيٰ جي شوڪت | مرحبا |
| بُراق جي قسمت | مرحبا | بُراق جي سُرعَت | مرحبا | نبين جي اِمامت | مرحبا |
| آقا جي رِفعت | مرحبا | آسمان جي قسمت | مرحبا | مڪينِ لامڪان جي عظمت | مرحبا |

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب!　　　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”هفتيوار سنتن پريو اجتماع“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معراجِ مصطفي جي برڪتن سان وڏيڪ فيضاب ٿيڻ ۽ نيڪين تي استقامت جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني سان وابسته ٿيو ۽ ذيلي حلقي جي 12مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺو، 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم **”هفتيوار سُنَّتن پريو اِجتِماع“** بہ آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن مدني ڪم جا بيشمار دُنيوي ۽ اُخروي فائدا آهن، ◈ **هفتيوار سُنَّتن پريي اِجتِماع** جي برڪت سان مسجد جي حاضري ۽ نفلي اعتڪاف جي سعادت حاصل ٿيندي آهي. ◈ **هفتيوار سُنَّتن پريي اِجتِماع** جي برڪت سان مسلمانن سان ملاقات ۽ سلام جي سُنَّت عام ٿيندي آهي. ◈ **هفتيوار سُنَّتن پريي اِجتِماع** جي برڪت سان علمِ دِين سان مالامال قِيمتي مدني گل اُمّتِ مسلمہ تائين پهچايا ويندا آهن. ◈ **هفتيوار سُنَّتن پريو اِجتِماع** بي نمازين کي نمازي بڻائڻ ۾ گهڻو معاون ٿيندو آهن. ◈ **هفتيوار سُنَّتن پريي اِجتِماع** جي برڪت سان دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جي تشهير ۽ نيڪ نامي ٿيندي آهي. ◈ **هفتيوار سُنَّتن پريي اِجتِماع** ۾ گهريون ويندڙ دُعائون قبول ٿينديون آهن. ◈ دِيني ۽ تنظيمي معلومات ۾ اِضافو ٿيندو آهي. ◈ نگران ۽ ماتحت سان ملاقات جو شرف حاصل ٿيندو آهي. ◈ اِنفرادي ڪوشش جو موقعو ملندو آهي، ان جي علاوه صحابہَ ڪرام ۽ اولياءِ ڪرام جي سيرتِ مبارڪ تي بہ بيان ٿيندا آهن. ۽ جيڪي خوش نصيب عاشقان رسول **هفتيوار سُنَّتن پريي اِجتِماع** ۾ شرڪت ڪن ٿا امير اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه انهن کي ائين دعائن سان نوازيندا رهندا آهن.

جو پابند ہے اجتماعات کا بھی ميں ديتا ہوں اس کو دعائے مدينہ

اچو! تَرغِيب طور هفتيوار اِجتِماع ۾ حاضِري جي هڪ مَدَني بَهار ٻڌو ۽ اِجتِماع ۾ پابندي سان حاضِر ٿيڻ جي نِيت ڪريو. جيئن

## اجتماع جي برڪت سان نيڪ بڻجي ويو

مَرڪزُ الاَولِيا (لاهور) جو هڪ اِسلامي ڀاءُ گُناهن جي وادِين ۾ گم هو ان جي اسڪول جي زماني ۾ هڪ اِسلامي ڀاءُ اَڪثَر ان جي وڏي ڀاءُ سان ملڻ ايندو هو هڪ ڏينهن اُنهن دعوتِ اِسلامي جي **هفتيوار سُنَّتن ڀريي اِجتِماع** جي دَعوت پيش ڪئي. هي ان جي دَعوَت تي سُنَّتن ڀري اِجتِماع ۾ وڃي پهتو، ان کي اهو گهڻو وڻيو، پوءِ ان پابندي سان وڃڻ شُرُوع ڪيو.

اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان ان نمازن جي پابندي شُروع ڪئي. عِمامو شريف به سَجائي ورتو، جنهن سبب گهر جي ڪجهه ڀاتين سَختي سان مُخالفَت ڪئي پر مَدَني ماحول جي ڪشِش ۽ عاشِقانِ رَسُول جو حُسنِ سُلُوڪ انهن کي دعوتِ اِسلامي سان ويتر ويجهو ڪندو ويو مڪتبةُ المدينہ تان جاري ٿيندڙ سُنَّتن ڀري بَيانن جون ڪيسٽون ٻڌڻ سان تسلي ملي ۽ حَوصَلو وڌندو ويو. اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ آهستي آهستي انهن جي گهر ۾ به مَدَني ماحول بڻجي ويو.

اے بیمارِ عِصیاں تُو آجا یہاں پر گناہوں کی دیگا دَوا مَدَنی ماحول
گنہگارو آؤ، سیہ کارو آؤ گناہوں کو دیگا چُھڑا مَدَنی ماحول
پلا کر مئے عشق دیگا بَنا یہ تمہیں عاشِقِ مُصطفٰے مَدَنی ماحول

## آسمان ڏانهن عُرُوج

سفرِ معراج ۾ بَيتُ المَقدس جي مُعَامَلات کان فارِغ ٿيڻ کان پوءِ پياري پياري آقا، مني مني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آسمان ڏانهن سفر شروع فرمايو ۽ هر بلندي کي پوئتي ڇڏيندي تيزي سان آسمان ڏانهن اڳتي وڌندا هليا ويا، هڪ ئي لحظي ۾ پهريون آسمان اچي ويو.

حديثِ پاڪ ۾ آهي ته رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان جي هڪ دروازي تي آيا جنهن کي بَابُ الْحَفَظَه چيو ويندو آهي، ان تي اسماعيل نالي هڪ ملائڪ مُقَرَّر آهي. (عمدة القاری، کتاب مناقب الانصار، باب المعراج،۱۱/۶۰۳، تحت الحديث:۳۸۸۷) حضرتِ جبرائيل

عَلَيه السَّلَام دروازو کولائڻ چاهيو. پڇيو ويو: ڪير آهي؟ حضرت جبريلِ امين عَلَيه السَّلَام جواب ڏنو: جبريل آهيان. پڇيو ويو: اوهان سان گڏ ڪير آهن؟ جواب ڏنو: محمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ. پڇيو ويو: ڇا انهن کي سڏيو ويو آهي؟ جواب ڏنو: هائو. ان تي هي چئي دروازو کوليو ويو: مَرْحَبًا بِهٖ فَنِعْمَ الْمَجِيءُ جَاءَ يعني خوش آمديد! ڪيترا ڀلا آهن اهي جيڪي تشريف کڻي آيا آهن.

(بخاری، کتاب مناقب الانصار، باب المعراج،۵۸۴/۲،حدیث:۳۸۸۷)

حڪيم الأُمَّت حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: جيتوڻيڪ ملائڪن ۾ تاجدارِ انبياء، شبِ اَسري واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آمد جو پهريان کان ئي اعلان ٿي چڪو هو ۽ آسمانن کي هر طرح سجايو ۽ سينگاريو ويو هو، تشريف آوري جي ڌوم متل هئي، ان رات ڪروڙين ملائڪ تہ حضورِانور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي وٺڻ لاءِ مڪہ معظمہ آيا هئا ۽ ڪوڙ ملائڪ استقبال جي لاءِ پنهنجي پنهنجي ذميدارين تي هئا ۽ اڄ جبريلِ امين عَلَيه السَّلَام ان دروازي کان حضور عَلَيه الصَّلٰوة وَالسَّلَام کي وٺي ويا جيڪو اڄ تائين ڪنهن جي لاءِ نہ کوليو ويو هو اهو صرف حضورِ انور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي لاءِ ئي هو. (اهي سموريون ڳالهيون معلوم ٿيڻ ۽ ملائڪن ۾ تاجدارِ انبياء، شبِ اَسري واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تشريف فرما ٿيڻ جي شهرت جي باوجود) دربان ملائڪ جا اهي ٿي سوال (تہ توهان ڪير آهيو ؟ توهان سان گڏ ڪير آهن؟ ۽ ڇا انهن کي سڏيو ويو آهي؟) صرف ان ڪري آهن جو جبريل هي دروازو توهان جي لاءِ تہ آهي نہ، توهان جو دروازو تہ ڪو ٻيو آهي، اڄ توهان هتان ڇو داخل ٿيڻ چاهيو ٿا، انهن فرمايو تہ اڄ مان انهن سان گڏ آهيان جنهن جي لاءِ اهو دروازو ٺاهيو ۽ بند رکيو ويو آهي ،اڄ هن دروازي جي کلڻ جو ڏينهن آهي، تنهنڪري اهي سوال صرف ۽ صرف ضابطي ۽ قانون جي ڪاروائي مڪمل ڪرڻ جي لاءِ ڪيا ويا هئا. (مرآة المناجيح، ۱۳۸/۸ ملخصاً)

جڏهن رسول ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ دروازي مان لنگهي آسمان کان مٿي

تشريف ڪٽي ويا تہ ڏٺائون حضرتِ آدم عَلَيه الصَّلٰوة وَالسَّلَام تشريف فرما آهن. حضرتِ جبرائيل عَلَيه السَّلَام عرض ڪيو: هي اوهان جا والِد، حضرتِ آدم عَلَيه الصَّلٰوة وَالسَّلَام آهن اِنهن کي سلام ڪيو. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سلام چيو، اُنهن سلام جو جواب ڏنو پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آمد تي خوشي جو اظهار هنن لفظن سان ڪيو: مَرْحَبًا بِالْاِبْنِ الصَّالِحِ وَالنَّبِيِّ الصَّالِحِ يعني صالح پٽ ۽ صالح نبي کي خوش آمديد. (بخاری، کتاب مناقب الانصار،باب المعراج،۲/۵۸۴،حدیث:۳۸۸۷) اهڙي طرح هر آسمان تي سوال و جواب ۽ نبين سڳورن عَلَيهِمُ الصَّلٰوة وَالسَّلَام سان ملاقاتون ٿينديون رهيون مثال طور ٻئي آسمان تي حضرتِ يحييٰ ۽ حضرتِ عيسيٰ عَلَيهِمَاالصَّلٰوة وَالسَّلَام کي مُلاحظ فرمايو، هي ٻئي ماسات آهن. ٽئين آسمان تي حضرتِ يوسُف عَلَيه الصَّلٰوة وَالسَّلَام کي مُلاحظ فرمايو. چوٿين آسمان تي حضرتِ اِدرِيس عَلَيه الصَّلٰوة وَالسَّلَام کي مُلاحظ فرمايو. پنجين آسمان تي حضرتِ هارون عَلَيه الصَّلٰوة وَالسَّلَام ، ڇهين آسمان تي حضرتِ موسيٰ عَلَيه الصَّلٰوة وَالسَّلَام کي ملاحظ فرمايو، ستين آسمان تي حضرتِ ابراهيم خَلِيلُ الله عَلٰي نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوة وَالسَّلَام کي مُلاحظ فرمايو، پاڻ عَلَيه الصَّلٰوة وَالسَّلَام بَيتُ المَعمور سان ٽيڪ لڳائي تشريف فرما هئا. (بخاری، کتاب مناقب الانصار،باب المعراج،۲/۵۸۴، حدیث :۳۸۸۷۔ مسلم، کتاب الایمان، ص۸۹، حدیث :۴۱۶)

ہر ایک نبی بلکہ سب افلاک کے قُدسی
پڑھتے تھے شہنشاہ کا خطبہ شبِ معراج

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| الله جي عنايت | مرحبا | معراج جي عظمت | مرحبا | اَقصيٰ جي شوڪت | مرحبا |
| بُراق جي قسمت | مرحبا | بُراق جي سُرعَت | مرحبا | نبين جي اِمامت | مرحبا |
| آقا جي رفعت | مرحبا | آسمان جي سِياحت | مرحبا | مڪين لامڪان جي عظمت | مرحبا |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪتاب ”فيضانِ معراج“ جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضورِ اڪرم ،نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي معراج جي ايمان افروز واقعن بابت وڌيڪ تفصيل ڄاڻڻ ۽ ان مان حاصل ٿيڻ واري عظمتِ مُصطَفٰي جا مدني گل چونڊڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب ”فيضانِ معراج“ جو مطالعو ڪرڻ بيحد مفيد آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن ڪتاب ۾ ◈ معراج جي ترتيب وار مرحلن جو تفصيل ◈ مسجدِ حرام کان مسجدِ اقصي تائين جي سفر جا مشاهدا ◈ آسماني سفر جي دوران جنّت ۽ دوزخ جا مشاهدا ◈ انبياءِ ڪرام سان ملاقات بابت تفصيل ◈ کوڙ سارا متفرق مدني گل ۽ ◈ معراج شريف جي باري ۾ ڪجھ نعتيہ ڪلام وغيره نهايت عُمده ۽ آسان انداز ۾ بيان ڪيا ويا آهن. لهٰذا اڄ ئي هن ڪتاب کي مڪتبةُ المدينہ جي بستي تان هديةً حاصل ڪريو ۽ ان جو مطالعو بہ ڪريو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن رِسالي کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگھجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگھجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مهينو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رجب المرجب جو مبارڪ مهينو پنهنجون برڪتون لٽائي موڪلائي رهيو آهي،پوءِ جلد ئي ”شعبانُ المعظّم“ جو مهينو جلوه گر ٿيندو. رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هن مبارڪ مهيني کي پنهنجي طرف منسوب ڪندي هي بہ ارشاد فرمايو: شَعْبَانُ شَهْرِيْ وَرَمَضَانُ شَهْرُ الله يعني شعبان منهنجو مهينو آهي ۽ رمضان الله عَزَّوَجَلَّ جو مهينو آهي. (جامع صغير،حرف الشين،ص۳۰۱،حديث: ۴۸۸۹)

نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ شعبانُ المعظّم جي نفل روزن کي رمضانُ المبارڪ جي فرض روزن کان بعد سڀ کان افضل قرار ڏنو، جيئن تہ هن مهيني ۾ تمام ٻانهن جا عمل الله ڪريم جي بارگاهہ ۾ پهچايا ويندا آهن، ان

ڪري اُمّت کي روزن جي ترغيب ڏيڻ جي لاءِ هن مهيني ۾ پاڻ بہ ڪثرت سان روزا رکيائون. اچو! شَعبانُ المُعَظم جي روزن جي فضيلت تي مشتمل ٽي (3) حديث سڳوريون ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا:

## شعبان جي روزن جي فضيلت

1. نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کان سوال ڪيو ويو تہ رمضان کان بعد ڪهڙو روزو افضل آهي؟ ارشاد فرمايائون: رمضان جي تعظيم جي لاءِ شَعبان جو روزو رکڻ. (شعب الايمان،باب الصيام،صوم شعبان، ۳ /۳۷۷، حديث:۳۸۱۹)

2. اُمّ المُؤمِنِين حضرتِ سَيِّدَتُنا عائشہ صِديقہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡھا فرمائن ٿيون: "تاجدار رسالت صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ پوري شَعبان جا روزا رکندا هئا، تہ مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ! "ڇا سڀني مهينن ۾ توهان وٽ وڌيڪ پسنديده شَعبان المعظم جا روزا رکڻ آهي؟ ارشاد فرمايائون: ها، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ هن سال مرڻ واري هر جان(ساهہ) کي لکي ڇڏيندو آهي ۽ مون کي هي پسند آهي تہ منهنجو آخري وقت اچي ۽ مان روزيدار هجان."

(مسندابي يعلي،۴/۲۷۷،حديث:۴۸۹۰)

3. نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايائون: رجَب ۽ رَمَضان جي وچ ۾ هي مهينو آهي، ماڻهو هن کان غافِل آهن. هن ۾ ماڻهن جا عمل اللّٰه ڏانهن کنيا ويندا آهن، ۽ مون کي اهو پسند آهي تہ منهنجو عمل هن حال ۾ کنيو وڃي جو مان روزيدار هجان. (شعب الايمان،باب في الصيام،صوم شعبان، ۳/۳۷۷، حديث: ۳۸۲۰)

سُبۡحٰنَ اللّٰه! ٻڌو اوهان! اسان جا بخشيل آقا، اسان گُناهگارن کي بخشرائڻ واري مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي عبادت جو عالم هي هو جو پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ هن مقدس مهيني ۾ ٻين مهينن جي مقابلي ۾ نفلي عبادت جو تمام گهڻو اهتمام ڪندا هئا، هڪ اسان آهيون جو اسان جي زندگي ۾ خبر ناهي ڪيترا ڀيرا شَعبانُ المعظم جو مُبارَڪ مهينو آيو ۽ بخشش ۽ مغفرت جا

پروانا تقسيم ڪندي رخصت ٿي ويو پر اسان هن مبارڪ مهيني ۾ پنهنجي گناهن کان توبهه ڪرڻ، آئنده گناهن کان بچڻ جو پڪو ارادو ڪرڻ، فرض نمازن جو اهتمام ڪرڻ، صدقو ۽ خيرات ڪرڻ، تلاوتِ قرآن ڪريم، ذڪر و درود، روزن ۽ ٻين نفلي عبادت جي ڪثرت ڪرڻ ۽ پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ کي راضي ڪرڻ ۾ ناڪام رهياسين. الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خوشنودي حاصل ڪرڻ، دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي ۽ نجات ماڻڻ جي لاءِ اسان کي خوب خوب عبادت ڪرڻ گهرجي، رجب ۽ شعبان جي مهينن جي نفل روزن جو اهتمام به ڪرڻ گهرجي، شعبان المعظم جي سڄي مهيني ۽ بالخصوص 15 شعبان(شبِ براءت) جو عبادت ۽ استغفار جي خوب ڪثرت ڪرڻ گهرجي ۽ ان سان گڏوگڏ الله عَزَّوَجَلَّ کان پنهنجي دنيا ۽ آخرت جي بهتري جي لاءِ دعائون به گهرندو رهڻ کپي.

ڪرنا تم عطار کے حق میں دعائے مغفرت

اِس جہاں میں عافیت ہو اُس جہاں میں عافیت

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## لنگرِ رضويه ۾ حصو وٺو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ هر سال هزارين عاشقانِ رسول سڄي رمضان ۽ آخري عشري جي اِعتڪاف جي سعادت حاصل ڪندا آهن، ان عاشقانِ رسول جي لاءِ "لنگرِ رضويه" (سحري ۽ افطاري) جو نهايت وڏو اِنتظام ڪيو ويندو آهي ته جيئن اهي عاشقانِ رسول دِلجمعي سان علمِ دين جي مدني حلقن ۽ مدني مذاڪرن ۾ ڀرپور توجه سان شرڪت ڪري سگهن. لنگرِ رَضَويه جي مد ۾ ڪروڙين روپين جا اخراجات ٿيندا آهن هن نيڪ ڪم ۾ ڪوڙ عاشقان رسول پنهنجو حصو شامل ڪندا آهن، هن سال به اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ ملڪ وبيرونِ ملڪ سوين هنڌن تي سڄي مهيني ۽ آخري عشري جو اعتڪاف ٿيندو، جنهن ۾

هزارين عاشقانِ رمضان، رمضان جي مبارڪ ساعتن جون برڪتون حاصل ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندا. تمام عاشقانِ رسول رضاءِ اِلٰهي ۽ ٻين سنئين سنئين نيتن سان "لنگرِ رضويہ" جي مد ۾ پنهنجو حصو شامل ڪرڻ جي نيت ڪريو.

## مَجلسِ عُشر و اَطراف ڳاؤں

متامتا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلّ عاشِقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي سڄي دُنيا ۾ ڪم و پيش 104شُعبن ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ ۾ مَصروف آهي. انهيءَ مان هڪ "مجلسِ عُشْر و اَطراف ڳاؤں" بہ آهي. اها مجلس راهِ خدا ۾ خَرچ ڪرڻ جا فضائل بيان ڪري دعوتِ اسلامي کي عُشر ڏيڻ ۽ گڏ ڪرڻ جي ترغيب ڏياريندي آهي. هن شعبي جا ذِمہ دار، عُشر جي وصولي جي لاءِ وقت بوقت هارين، زميندارن، باغن جي مالڪن وغيره سان اِنفرادي ڪوشش جي ذريعي رابطو ڪندا رهندا آهن، "هاري اجتماعات" جو بہ اِنعقاد ڪيو ويندو آهي، رِسالو "عُشر جا احڪام" تقسيم ڪري عُشر ڏيڻ جو ذهن ڏنو ويندو آهي. خاص ڪري زميندارن کي گهرجي تہ عشر جي باري ۾ معلومات جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 48 صفحن تي مشتمل رسالي "عُشر جا اَحڪام" ۽ "چندو ڪرڻ جا شرعي اِحتياط" جو لازمي مُطالَعو ڪن. شريعت جي مُطابق پنهنجي فصل جي زڪوٰة ڪڍڻ جي باري ۾ دارُ الافتاء اهلسنت کان ضرور رهنمائي حاصل ڪن.

اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلّ مجلسِ عُشر و اَطراف ڳاوں جو مدني ڪم تيزي سان ترقي ڏانهن وڌي رهيو آهي، هينئر تائين هزارين ڳوٺن ۾ مدني ڪم شروع ٿي چڪو آهي ۽ انهن ۾ سوين ذميداران مقرر بہ ٿي چڪا آهن. عُشر جي وصولي سان گڏوگڏ خاص ڪري 12مدني ڪمن جي مضبوطي جي لاءِ وقت بوقت ذِميداران جا سُنّتن ڀري اجتماعن ۽ مدني مشورن جو سلسلو بہ ٿيندو رهندو آهي، وڏين راتين مثال طور (اجتماعِ مِيلاد، اجتماعِ غوثيہ، اِجتماعِ معراج،

اجتماعِ شبِ براءت، اجتماعِ شبِ قدر وغيره) جي موقعن تي اِجتماعِ ذڪر و نعت جو اِهتمام بہ ڪيو ويندو آهي، دعوتِ اسلامي جي مُبَلِّغن جي سُنّتن ڀري بيانن جي ترڪيب ٿيندي آهي، خاص ڪري رمضان المبارڪ ۾ سُنّت اِعتڪاف جو اِهتمام ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ عاشقانِ رسول دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ ٿيڻ واري سُنّت اِعتڪاف ۾ شرڪت ڪري خوب علمِ دين جا قيمتي موتي چُونڊڻ جو شرف ماڻڻ سان گڏوگڏ مختلف مدني ڪورسز ۽ مدني قافلن ۾ سفر جي بہ سعادت حاصل ڪن ٿا. الله ڪريم مجلسِ عُشر و اَطراف ڳاوں ڪي وڌيڪ برڪتون ۽ ترقيون نصيب فرمائي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان ٻڌو تہ ◈ شبِ معراج، شبِ اسريٰ جي گهوٽ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تمام آسمانن جي سير ڪئي. ◈ شبِ معراج شبِ اسريٰ جي گهوٽ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سمورن نبين سڳورن عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلام جي اِمامت ڪئي. ◈ شبِ معراج ،شبِ اسريٰ جي گهوٽ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلام ڪي ملاقات جو شرف عطا فرمايو. ◈ شبِ معراج شبِ اسريٰ جي گهوٽ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ربّ ڪريم جي وڏين وڏين نشانين ڪي مُلاحَظ فرمايو. ◈ شبِ معراج، شبِ اسريٰ جي گهوٽ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ لامڪان جي سير ڪئي. ◈ شبِ معراج، شبِ اسريٰ جي گهوٽ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بغير ڪنهن واسِطي جي الله ڪريم جي ديدار سان فيضياب ٿيا.

الله ڪريم معراج واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صدقي اسان جي گناهن ڪي معاف فرمائي ۽ اسان ڪي بلا حساب ۽ ڪتاب جنت ۾ داخل فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

سڀاڻي رجب المرجب جي ستاويهين رات يعني شبِ معراج آهي، سڄي دُنيا ۾ عاشقانِ رسول ”اِجتماعِ معراج“ ۾ شرڪت ڪري سڀاڻي جي برڪت ۽ رحمت واري عظيم رات عبادت ۾ گذارڻ کان بعد 27رجب جو روزو رکڻ جي

۾ سعادت حاصل ڪندا، 27 رجب جي روزي جي تمام وڏي فضيلت آهي :"جيڪو خوش نصيب27 رجب جو روزو رکندو آهي ،اُن کي 60 مهينن جي روزن جو ثواب ملندو آهي. (ڪفن جي واپسي،ص8)

## سوسال جي روزن جو ثواب

رحمت عالم، شاهِ آدم ۽ بني آدم، رسولِ محتشم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ ذِيشان آهي: رجب ۾ هڪ ڏينهن ۽ رات آهي جيڪو ان ڏينهن روزو رکي ۽ رات جو قيام (عبادت) ڪري ته ڄڻ ان سؤ سال جا روزا رکيا ۽ سؤ سال جي شب بيداري ڪئي، ۽ اها رجب جي 27 تاريخ آهي. (شُعَبُ الْاِيمَان ج٣ص٣٧٤حديث ٣٨١١)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئيۦ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،٩٧/١،حديث:١٧٥)

سُنّتیں عام کریں دِین کا ہم کام کریں نیک ہوجائیں مسلمان مدینے والے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڳالھ ٻولھ ڪرڻ جون سنتون ۽ آداب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو! شيخِ طريقت،اميرِ اهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”101مَدَنِي گل“مان ڳالھ ٻولھ ڪرڻ جون سنتون ۽ آداب ٻڌو:

◈ مسڪرائي ۽ خوش اخلاقيءَ سان ڳالھ ٻولھ ڪيو ◈ مسلمانن جي دلجوئي جي نيّت سان ننڍن سان شفقت وارو ۽ وڏن سان ادب وارو لهجو

اختيار ڪيو. ◈ رڙيون ڪري ڳالهائڻ کان حد درجه احتياط ڪيو.◈ ڪٽي هڪ ڏينهن جو ٻار هجي سنين سنين نيتن سان ان سان به اوهان توهان سان گفتگو ڪرڻ جي عادت بڻايو، اوهان جا اخلاق به اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ عمدا ٿيندا ۽ ٻار به آدب سڪندو. ◈ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ وقت پردي جي جاءِ تي هٿ لڳائڻ، آڱرين سان بدن تان مير لاهڻ، ٻين جي سامهون بار بار نڪ کي هٿ لڳائڻ، يا نڪ يا ڪن ۾ آڱر وجهڻ، ٿُڪ اڇلائڻ سٺي ڳالهه ناهي ◈ جيستائين ٻيو ڳالهائي رهيو هجي ته اطمينان سان ٻُڌو، ان جي ڳالهه ڪٽڻ کان بچو ۽ ڳالهه ٻولهه دوران ٽهڪ ڏيڻ کان بچو ڇوته ٽهڪ لڳائڻ سنت مان ثابت ناهي. ڳالهائڻ وقت هميشه ياد رکو ته وڌيڪ ڳالهيون ڪرڻ سان رعب ختم ٿي ويندو آهي. ◈ ڪنهن سان ڳالهه ٻولهه ڪجي ته ان جو ڪو صحيح مقصد به هئڻ گهرجي ۽ هميشه مخاطب جي ظرف ۽ ان جي نفسيات جي مطابق ڳالهه ڪئي وڃي. ◈ بدزباني ۽ بي حيائي جي ڳالهين کان هر وقت پرهيز ڪريو، گارگند کان بچندا رهو ۽ ياد رکو ته ڪنهن مسلمان کي بنا اجازتِ شرعي گار ڏيڻ حرامِ قطعي آهي. (فتاوٰی رضویہ، ۱۲۷/۲۱) بي حيائي جي ڳالهه ڪرڻ واري تي جنّت حرام آهي. تاجدار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: "اُن شخص تي جنت حرام آهي جيڪو فُحش گوئي (بي حيائي جي ڳالهه) کان ڪم وٺي ٿو." (کتابُ الصَّمْت مع موسوعۃالامام ابن ابی الدنیا، ۲۰۴/۷ حدیث: ۳۲۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب"سنتيں ۽ آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

"قافلے" کو جو ہر وقت تیّار ہے مرحبا اس سے عطاؔر کو پیار ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

### (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی کن بُزرگن کان نقل کن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھک ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي. [2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

ھک ڏينھن ھک شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اکبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابہَ کرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھو مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاک پڙھندو آھي تہ ھيئن پڙھندو آھي.[3]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آھي : جيکو شخص ھي درود پاک پڙھي ان جي لاءِ منھنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آھي.[4]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2]...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149

[3]...القول البديع، الباب الاول، ص125

[4] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

1… مجمع الزوائد،کتاب الادعیۃ،باب فی کیفیۃ الصلاۃ…الخ،254/10،حدیث:17305